www.nasarpur.com

# ايست انديا ڪمپني ۽ انگريز محققن جا
# نصرپورجي ڪپڙي جي صنعت بابت

## ترتيب خادم گهراڻو

نئي شهر جي پرسان نصرپور جو شهر آهي هي علائقو ڪپڙي جي صنعت ۾ اڳتي آهي اطلاع موجب هن شهر ۾ ٽي هزار ڪوري خاندان آهن جيڪي ڪپڙي جي صنعت سان لاڳاپيل آهن هي شهر نئي جيترو وڏو آهي ان ڪان ٿيهه ڪوه پري درياءَ جي ڪناري سان آبا د آهي جيڪڏهن درياءَ رستي اچبو ته باربرداري جي گهٽي خرچ ڪان بچي پئبو جيڪو هتي ڪپڙو اجي ٿو تنهن ڪي جوڙي چيو ويندو آهي جيڪو ديگهه ۾ 17 گز ۽ موڪر ۾ اڌگز هونديون آهن ڪپڙي ۾ استعمال ٿيل ڌاڳو ناهوڪو ۽ ڪپڙو به واه جو اٽيل آهي . سيوهڻ ۾ ساليانو ٻج هزار مڻ نير جڙندو آهي هتي 36پائين ۾ هڪ سير ملي ٿو جڏهن ته نٽِ ۾ ساڳيو 40 پائين ۾ وڪرو ٿئي ٿو اتي هڪ هزار ڪورين جا گهراڻا رهن ٿا جيڪي اعلى قسم جو بافتو اڻين ٿا پر ماپ ۾ نصرپور واري ڪپڙي ڪان گهٽ آهي سنڌ جي واپاري ڪوٺي لاءِ فريملن جي رٿ پنجن ماڻهن تي هئي سربراه نٽي ۾ هڪ ماڻهو نصرپور ۾ هڪ سيوهڻ ۾ هڪ منشي هڪ ڪيشيئر هڪ سنها ٿلها خرچ لڪڻ وارو سامان ٻڌڻ وارو . سنڌ جي سوٽي ڪپڙي جي  ڪريل معيارمايوس ڪري ڇڏيو آهي اتي مقرر ڪيل اهلڪارن کي هن متعلق خبردار رهڻ ڪپي دلالن تي اعتبار ڪرڻ نه گهرجي ڏوبين کي تنبيهه ڪجي ته ڪپڙي کي گهٽو ڌوئي چيري ڦاڙي نه رکن ۽ گهٽو به نه ڌوئن نصرپور واريون جوڙيون چڱي ناٽي تي وڪامي وجن ٿيون ( لندن مان ڪمپني جو خط سورت ۾ پريزيڊنٽ ۽ ڪائونسل جي نالي 20 نومبر 1641ع ) پ.سنڌ مان اسين نصرپور جي جوڙين جي سفارش نٿا ڪريون اهي سنهڙيون آهن ۽ گهٽي ڌوئڻ  سٽڻ جي ڪري اهي نرم لسيوناهن اکين کي ڌاڍو وڻن ٿيون اهو ڪپڙو سنو نه آحي نه وري ماپ ۾ پورو آهي . (سورت جي

پريزيڊنٽ ڏانهن ڪمپني جو خط 27 نومبر 1643ع ) .ڪمپني سنڌ جي ڇهه هزار باافتي جي ٿانن جو ڪم ڏنو آهي پر گهٽو ڪپڙو نصرپور مان خريد ڪرڻ جي لاءِ چيو آهي ڇاڪاڻ ته اهو ڪپڙو ڪنڊياري جي تيار ڪيل ڪپڙي کان ٿي گز ڊيگهه ۾ وڏو آهي پر گذريل سالن ۾ ڪنڊياري جو ڪپڙو 15 گز نصرپور جو 14 گز ٿي ويو آهي .تاريخ 8 محرم 22 سيپٽمبر 1758ع جو فرمان جيڪو سنڌ جي مختلف علائقن جي آفيسرن کي مخاطب ٿيل آهي جنهن موجب ڪمپنيءَ جون رعايتون ڏنل آهن جنهن ۾ نصرپور به شامل هو . مورلينڊ موجب سوٽي ڪپڙي جي پيداوار ڇئني طرفن کان نيڪال ٿيندي آهي لاهور بنگال ملتان سکر ٺٽو نصرپور ۽ ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ ڪورين جي وڏي آبادي آهي ٺٽو نصرپور سنڌ ۾ سوٽي ڪپڙي جي صنعت ۾ وڏي اچڻ لائق شهر آهن . نصرپور سنڌ جو مشهور شهر آحي جيڪو ٺٽي کان ٽيهه ميل پري آهي جتي عاليشان قسم جو بافتو اڇندو آهي جنهن کي جوڙي سڏيو ويندو آهي ان ڪپڙي ۾ ڪم آندل سڳو سپو ۽ اوچ ۾ اعلى هوندو آهي 1639ع ۾ نصرپور جي جوڙي ڪپڙي جا ويهه هزار تاڪيا موڪليا ويا 1643ع ۾ آرڊر موجب ويهه هزار تاڪيا نصرپور جي جوڙي جا ۽ چار هزار تاڪيا سيوهڻ جي جوڙي جا روانا ڪيا ويا . 1639ع لنڊن نالي واري جهاز ۾ نصرپورجي ڪپڙي جون 42 ڳنڙيون انگلنڊ موڪليون ويون 1642ع ۾ ساڳئي جهاز ۾ 89 ڳنڙيون ڪٽليڪٽو ڪپڙو نصرپور ڪپڙي جون 75 ڳنڙيون دربيلي جون 14 سيوهڻ جون 59 ڳنڙيون موڪليون ويون .1641ع ۾ ڪوٺي جي نگران نصرپور ۾ رهندڙ واپارين کي هدايت ڪئي ته هو پاڻ خريداري ڪن دلالن تي اعتبار نه ڪن نصرپور جا ڪوري ڪمپني جي پسند مطابق ڪنهن معياري ڪپڙي بدران سهانگي ۽ غير معياري ڪپڙي ڏانهن توجه ڏئي رهيا آهن .واپاري ڪوٺي جو عملدار گلبرٽ هئرسين جيڪو 1647ع ۾ نصرپور ۾ مري ويو طلوڙ ماڻهو هو ان کي نصرپور ۾ ئي دفن ڪيو ويو . (A History of British Relation with Sindh 1613-1848 By .Dr. Adrain Duarte .M.A.D. Translate By Atta Muhammad Bhanbhiro And Bhit jo Shah By H.T.Sorely Translate By Atta Muhammad Bhanbhro Published By Sindheeka Academy)

## نصرپور هنرمندن جو

انگريزن جي دؤر ۾ نصرپور جا پورهيت انگريزن جا قرضي ٿي ويامغلن جي دؤر ۾ نصرپور ستن محالن ۾ ورهايل هئي نصرپور جو نير ريشمي ڪپڙو ڪلمي شورو چمڙو گيهه چوپائي مال جو واپاري مرڪز هو هتي جي ڪپڙي جي صنعت بيحد اڳتي هئي هتان جو ناهيل ڪپڙو ڏيساور ملڪن ڏانه ويندو هو هتان جي ٺهيل ململ کي ڏيساور سنڌو سڏيو ويندو هو اهو ايترو نفيس هوندو هو جو ڇلي مان لنگهي ويندو هو . 1635ع ايسٽ انڊيا

ڪمپني نصرپور جو وڏيڪ ڪپڙو خريد ڪيو 1652ع نصرپور ۾ واپاري ڪوٺي به کولي هئي اها هتان بافتو خريد ڪندي هئي هڪ صدي تائين نصرپور جا ڪپڙي جا ڪارخانا يورپ ڪي ڪپڙو پهچائيندا هئا نصرپور ڪپڙي جي صنعت ۾ سڄي سنڌ ۾ وڏي صنعت هئي ان وقت ٽي هزار ڪوري بافتو ۽ جوڙي اڻندا هئا نصرپور جون سوسيون ولايت ويندڀون هيون مردن سان گڏ عورتون به هن هنر ۾ ڪلهو ڪلهي سان ملائي ڪم ڪنديون هنيون ٽالپورن جي وقت ۾ نصرپور ۾ ڪورين جو تعداد ويهه هزار هو ڪو وقت هوندو هو ته نصرپور ۾ هر محلي ۾ ڪپڙي اڻڻ جا ڪارخانا نظر ايندا هئا هر محلي ۾ تاڃيون ٺهنديون هنيون پر ان هنر جي پورهيت کي صحيح اجرت نه ملڻ جي ڪري انهن اهو ڪم ڇڏي ٻيا ڪم ڪرڻ شروع ڪيا ۽ هي هنر نصرپور جي سڃاڻپ هو اهو ختم ٿيندو ويو اڄ جو نوجوان هن هنر کان لا علم آهي انهن جا وڏا اهو ڪم ڪندا هئا پر پاڻ هن جي هڪ اکر کان به واقف نه آهن منهنجو سچو گهر ڏاڏاڻو ۽ ناناڻو هي ڪم ڪندو هو پر آئون به هن جي هڪ اکر کان به اڻ ڄاڻو آهيان هن وقت ميمڻ پرائمري اسڪول کان چند قدم اڳيان هڪ ڪارخانو آهي جتي قمرالدين درس رحمڏنو درس يار محمد گهراڻو هن هنر کي زنده جاويد رکي رهيا آهن ان کان سواءِ واحدڏنو گهراڻو جي گهر اندر به هڪ ڪيس تاڻڻ جو آڏاڻو آهي جتي پاڻ ڪم ڪري رهيا آهن .نصرپور سوسي ڪيس گربي جوڙي موٺڙي ۾ مشهور هو هنشگر جو ڪيس تمام گهڻو مشهور هو ڇون تا ڪيسن تاڻڻ جو پهريون نمبر ڪاريگر فقير محمد هو ٻئي نمبر تي احمد خان نهالاڻي نوح دائود پوٽو محمد خان خاصخيلي هئا ان کان سواءِ هن هنر جا ٻيا به ڪاريگر هئا عبدالرحمان دائود پوٽو هاجي خان ،محمد اسحاق درس الله بخش محمد عثمان گهراڻو حسن نهالاڻي محمد رمضان گهراڻو الهبچايو نهالاڻي ولي محمد گهراڻو سومار گهراڻو صديق گهراڻو فدا حسين يار محمد درس ۽ ٻيا به هزارين ڪاريگر هوندا هئا سوسي ۽ ڪاڏي ٻن پيرن تي ٺهندي هئي جنهن به هتي ڪيترائي ڪاريگر هوندا هئا سوسي جو وڏو ڪاريگر حاميد هوندو هو جيڪو ڪيس به ڄاڻندو هو موٺڙو جيڪو ڇئن پيرن تي ٺهندو آهي جنهن جو وڏو ڪاريگر مطلب گهراڻو هو .اسحاق درس يارمحمد گهراڻو محمد صالح ڪورم سائين علي نواز دائود پوٽو پنهون خان ساٽي گهراڻو پانڌي گهراڻو محمد صديق گهراڻو ( ايڊيٽر جو پيءَ ) يار محمد گهراڻو ( ايڊيٽر جو چاچو ) فيض محمد گهراڻو عبدالله گهراڻو محمد صالح گهراڻو محمود گهراڻو محمد گهراڻو ۽ ٻيا به ڪيترائي ڪاريگر آهن جيڪڏهن ويهي انهن جا نالا لکون ته ڪتابن جا ڪتاب پرجي وڃن . ست کي رنگ ڪرڻ ۾ حاجي عبدالله ڪماچ ، علي محمد درس محمد هاشم نيروٽي ۽ ٻيا به ڪيترائي ڪاريگر مشهور هئا مطلب ته نصرپور ڪپڙي جي هڪ وڏي صنعت هئي جنهن سان نصرپور جي سڃاڻپ هئي اهو هنر هن وقت ختم ٿي رهيو آهي . ڪاشي جو هنر به نصرپور جو مشهور هنر آهي نصرپور جي ڪاشي ڪيترن ئي ملڪن

۾ لڳل آهي هن ۾ ڪيترائي مشهور ڪاريگر ٿي گذريا آهن هارون ڪاشيگر ،هارون مولائي ، محمد هاشم گهراڻو گل محمد ڪاشيگر آچر مولائي ، غلام حيدر عرف سومرو پنهنجي دؤر جا مشهور ڪاريگر هئا ڪاشي جو رنگ ٺاهڻ ۾ محمد سومار دائود پوٽو پنهنجو مٽ پاڻ هو ان جو پٽ حافظ محمد صديق به ڪاشي جو سٺو ڪاريگر آهي غلام حيدر عرف سومرو ڪاشي جي لڪائي جي نقش جي ٺاهڻ جو ماهر ڪاريگر هو ممون شيدي ڪاشي جي رنگ پيهڻ جو مهان ڪاريگر هوندو هو هن وقت به ڪاشي جا ڪيترائي ڪاريگر آهن جيڪي هي ڪم ڪري رهيا آهن جنهن ۾ محمد قاسم ڪاشيگر ،مشتاق ڪاشيگر، عرفان ڪاشيگر، محمد صديق گهراڻو، محمد ايوب گهراڻو، محمدسليم چنا، محمد اڪرم چنا، مير محمد بروهي، محب بروهي، محمد حسين نهالاڻي غلام قادر خاصخيلي ، عمران دائودپوٽو ، اياز گهراڻو ، ۽ ٻيا به ڪيترائي ڪاريگر هن هنر کي اڃا تائين زنده رکيو اچن .نصرپور ۾ اڳٽ رليون به ٺهندا هئا جيڪي تمام مشهور هئا محمد حسن ابڙو پٽاڙ ( اڳٽ ) ، محمد هاشم مولودي،محمد طيب نيروتي آگيڏنو ۽ ٻيا ماهر ڪاريگر ٿي گذريا آهن واڍڪي ڪم ۾ به هتان جا ڪاريگر پنهنجو مٽ پاڻ هئا . ڪاشي جي لڳائڻ جو ماهر ڪاريگر استو دادن هو جيڪو ڪجهه وقت اڳ اسان کان جدا ٿي ويو آهي ان جو پاءُ استو رجب ۽ اعجاز علي دائودپوٽو ،به ڪاشي لڳائڻ جا ماهر ڪاريگر آهن نصرپور ۾ دلا مٽ ٺاهڻ جا به ماهر ڪاريگر هئا . نصرپور جو کير پڙو به مشهور آهي هن جا ڪٽن مٽڻ جا به نصرپور ۾ ڪاريگر هوندا هئا جيڪي ڪٽ مٽڻ مهل اهڙي ڊيزائن رکندا هئا جو ماڻهو واهه واهه ڪرڻ کان رهي نه سگهندو هو جنهن ۾ ليمون چاڪي ، عمر خاصخيلي مشهور هوندا هئا هن وقت به محمد جمن گهراڻو، محمد صالح خليفو، منو گهراڻو ،۽ ٻيا ڪيترائي ڪاريگر هي ڪم ڪري رهيا آهن نصرپور غاليچن جي ڪم جا ڪافي ڪاريگر آهن نصرپور جي هنرن جي جيڪڏهن ريسرچ ڪجي ته ڪتابن جا ڪتاب ٺهي وڃن مختصر ته نصرپور هنرمندن جو شهر آهي .

---